## حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنه

حضرت سلمان فارسي رضي الله تعاليٰ عنهُ رسول اڪرم صَلَّي الله عَلَيه وآلهٖ وَسَلَّمَ جن جو هڪ نامور صحابي ٿي گذريو آهي. حضرت سلمان فارسيؓ اصفهان جي هڪ ڳوٺ ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ هڪ هاري هو.

ايران ۾ ان وقت زرتشت مذهب جو زور هو، جنهن ۾ باهه جي پوڄا ڪئي ويندي هئي. حضرت سلمانؓ ننڍي هوندي آتشڪدي جي ايتري خدمت ڪئي، جو ڪيس ان جي خاص خادمن ۾ شامل ڪيو ويو. هڪ ڀيري حضرت سلمانؓ کي سندس پيءُ ٻنيءَ تي ڪنهن ڪم سان موڪليو. واٽ تي عيسائين جون ڪليسائون هيون، جتي اُهي عبادت ڪري رهيا هئا. انهن جي عبادت جي طريقي کان حضرت سلمانؓ ڏاڍو متاثر ٿيو. پاڻ عيسائي مذهب بابت انهن کان معلوم ڪيائين. انهن ڪيس شام ملڪ جو ڏس ڏنو. جتي عيسائي مذهب جو مرڪز هو.

حضرت سلمانؓ فارسي کي ٻنيءَ تان موٽندي دير ٿي وئي هئي. سندس پيءَ انڪري ڏاڍو پريشان ٿيو. جڏهن هو گهر پهتو، تڏهن پيءُ کي دير جو ڪارڻ ٻڌايائين. سندس پيءَ کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. هن حضرت سلمانؓ کي زنجيرن سان ٻڌي ڇڏيو.

ڪجهه ڏينهن کان پوءِ حضرت سلمانؓ کي اطلاع مليو ته هڪ قافلو شام وڃي رهيو آهي. پاڻ زنجيرون ٽوڙي اچي قافلي سان مليو ۽ شام پهتو. اُتي هو هڪ عيسائي پيشوا سان مليو.

جتان ’نصيبن‘ مان ٿيندو ’هموريہ‘ ۾ هڪ بزرگ وٽ پهتو. حضرت سلمانؓ اتي گهڻو عرصو رهيو. اتي پاڻ پورهيو ڪري ٻڪريون ۽ رڍون خريد ڪيون. انهيءَ بزرگ وفات وقت کيس چيو تہ هاڻي توکي سڪون آخري نبيءَ وٽ ملندو، جيڪو هجرت ڪري يثرب ايندو. سندس نشانيون هي آهن، تہ هو صدقي جون شيون پاڻ استعمال ۾ نہ آڻيندو، بلڪ هديي ۾ مليل شيون ڪتب آڻيندو. سندس ٻنهي ڪُلهن جي وچ تي نبوت جي مُهر هوندي.

حضرت سلمانؓ پنهنجو سمورو مال قافلي وارن کي يثرب وٺي وڃڻ لاءِ ڏنو. قافلي وارن کيس غلام بڻائي هڪ يهوديءَ وٽ وڪڻي ڇڏيو. حضرت محمّد مصطفيٰ صَلَّي الله عَلَيه وآلہٖ وَسَلَّمَ جن هجرت ڪري مديني پهتا، تڏهن حضرت سلمانؓ سندن خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ صدقي جي کجور پيش ڪيائين. پاڻ سڳورنؐ اُها کجور صحابن ۾ ورهائي ڇڏي، پر پاڻ نہ کاڌائون. ٻئي ڀيري حضرت سلمان فارسيؓ هديي طور ڪجهہ شيون کڻي ويو، پاڻ سڳورنؐ اُهي شيون قبول فرمايون ۽ استعمال بہ ڪيون. باقي نبوت جي مُهر جي هڪڙي نشاني رهيل هئي. نيٺ انهيءَ جي بہ زيارت ٿيس ۽ پاڻ ايمان آڻي مسلمان ٿيو.

ڪجهہ وقت کان پوءِ حضرت سلمانؓ رسول اڪرم صَلَّي الله عَلَيه وآلہٖ وَسَلَّمَ ۽ صحابن جي مدد سان پنهنجي قيمت ادا ڪري آزاد ٿيو.

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنهُ پنهنجي خلافت جي زماني ۾ حضرت سلمانؓ کي ’مداين‘ جو گورنر مقرر ڪيو. گورنر ٿيڻ کان پوءِ به سندس طبيعت ۾ ڪنهن به قسم جو ڦيرو ڪونه آيو. اسلامي احڪامن جي پوريءَ طرح پيروي ڪرڻ سان گڏ اسلامي تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ نهايت گهڻيون ڪوششون ورتائين. سن 37 هجريءَ ۾ اسلام جي هن مجاهد مرد اَسِي سالن جي عمر ۾ وفات ڪئي.

## مشق

(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- حضرت سلمانؓ ڪٿي جو رهاڪو هو؟

2- حضرت سلمانؓ حق ۽ سچ جي ڳولا لاءِ ڪهڙيون ڪوششون ڪيون؟

3- اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ حضرت سلمانؓ ڪهڙيون خدمتون سرانجام ڏنيون؟

(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

نامور – پيشوا – ڪارڻ – ڏس – ڦيرو.

(ج) اهو لفظ جو ڪنهن ماڻهوءَ، ٻئي جاندار يا بي جان شيءِ جو خاص طرح نالو هجي، تنهن کي اسم خاص چئجي ٿو، هن سبق مان اهڙا اسم خاص چونڊي لکو: